SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1980

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1980

سنڌ ريٽينڈ پريميسز (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH RETEND PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance XVII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Ordinance XVII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII ۾ دفعه 15_A جو اضافو

Insertion of section 15_A in Sindh Ordinance XVII of 1979

5. پريميسز جي ذاتي استعمال کانسواءِ ٻئي استعمال تي ڏنڊ

Penalty for use of premises other than personal use

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 27 جي ترميم

Amendment of section 27 of Sindh Ordinance XVII of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1980

سنڌ ريٽينڈ پريميسز (ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH RETEND PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1980

[21 جنوري 1980]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ رينٽيڈ پريميسز آرڈيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ رينٽيڈ پريميسز آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ رينٽيڈ پريميسز (ترميم) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

Short Title and

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ سمجهيو ويندو ته 21 نومبر

1979 کان لاڳو ڪيو ويو آهي.

commencement

2. سنڌ رينٽيبل پريميسز آرڊيننس، 1979 ۾ (جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو) ان جي دفعه 14 جي ذيلي دفعه (4) کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance XVII of 1979

3. ڇاٽايل آرڊيننس جي دفعه 15 جي ذيلي دفعه (3) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ ۾ لفظن "ان مقصد لاءِ هو ٻئي آرڊر ڪيڻ جي لاءِ ڪنٽرولر کي درخواست ڏئي سگهي ٿو" کي وڌايو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Ordinance XVII of 1979

4. ڇاٽايل آرڊيننس ۾ دفعه 15 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعه شامل ڪيو ويندو:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII ۾ دفعه 15_A جو اضافو

Insertion of

section 15_A in Sindh Ordinance XVII of 1979

پريميسز جي ذاتي استعمال کانسواءِ ٻئي استعمال تي ڏنڊ

Penalty for use of premises other than personal use

"15_A. جتي زميندار جنهن دفعہ 14 هيٺ هڪ عمارت جو قبضو حاصل ڪيو آهي يا دفعہ 15 جي شق (vii) تحت علائقي جو قبضو حاصل ڪيو آهي، عمارت يا ان جي حدن کي اڳوٽي ملازم کانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص جي نالي ڪري ٿو يا ذاتي استعمال کانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص جي قبضي هيٺ هڪ سال جي عرصي تائين رکي ٿو ان کي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي جيڪا عمارت يا علائقي جي هڪ سال جي پاڻي کان وڌيڪ نہ هوندي، جيڪا قبضو ونڻ جي پهرين ڏينهن کان واجب الادا هوندي."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 27 جي ترميم

Amendment of section 27 of Sindh Ordinance XVII of 1979

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 27 جي ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعہ وڌايو ويندو:

"(3) اهي سمورا ڪيس جيڪي آرڊيننس جي ذيلي دفعہ (1) هيٺ ڪيا ويا ۽ جيڪي هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان فوري اڳ ڪنٽرولر سامهون التوءِ هيٺ پيل هئا، جيستائين ڪنٽرولر طرفان کي ٻيا حڪم جاري نہ ڪيا ويا هجن، اهي هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب جاري رکيا ۽ نيڪال ڪيا ويندا ۽ ڪيل ڪنهن ڪارروائي يا مٿي ڄاڻايل سلسلي ۾ ڏنل حڪم تي سموريون ڪارروايون ۽ حڪم هن آرڊيننس تحت ڪارگر هوندا.

(4) جيستائين ڪجھ ذيلي دفعہ (2) جي گنجائشن خلاف نہ هجي تيستائين ان سلسلي ۾ جاري ڪيل سمورا حڪم ۽ آرڊيننس تحت جاري ڪيل حڪم جيڪو ذيلي دفعہ (1) مطابق هجي، سمجهيو ويندو ان تي هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان اڳ ٿيل ڪارروائي ۾ هن آرڊيننس تحت ڪيل حڪم ۽ دفعہ 22 جي گنجائشن موجب عمل ڪيو ويو آهي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.